حڪومتِ سنڌ

آبپاشي کاتو

# قرهو واهه جي آر ڊي 0+000 کان 31+160 جي مرمت ۽ بحالي لاءِ

## ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي جو خلاصو







## سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيلِيٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي)

آگسٽ 2023

پروگرام تي عملدرآمد وارو شعبو

ايس ايف اي آر پي
(آبپاشي وارو پاڳو)


ايسوسئيٽيڊ ڪنسلٽنگ انجنيئرس اي سي اِي لمٽيڊ

ريجنل آفيس (ڏکڻ)

ڊِي-288، ڪي ڊِي اي اسڪيم نمبر 1، اسٽيڊيم روڊ ڪراچي-75350 فون (92-21) 34141172، 34141173، 34141174، فيڪس: (92-21) 34141175

اِي ميل:

اِي ميل: acesouth@gmail.com; www.acepakistan.com

پروجيڪٽ آفيس:

ڊِي-266، ڪي ڊي اي اسڪيم نمبر 1، اسٽيڊيم روڊ ڪراچي-75350 فون (92-21) 34125202

اي-ميل: 50dams@gmail.com

# خُلاصو

---

تجويز ڪيل پروجيڪٽ (سنڌ فِلڊ ايمرجنسي رِيهيبلِيٽيشن پروجيڪٽ-ايس ايف اي آر پي) ٻوڏ کان بچاءُ واري نظام، آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ بهتري آڻيندو، ننڍن ڊيمن جي مرمت ڪندو ۽ اوچتي ٻوڏ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ تباهيءَ کي گهٽائڻ لاءِ ننڍا نوان ڊيم/پاڻيءَ کي روڪيندڙ بند ٺاهيندو.

انهيءَ کان علاوه، تجويز ٿيل سرگرمين تي عملدرآمد ڪرڻ سان 12000000 ماڻهن جي آبادي، 1810000 گهرَ ۽ 3770000 ايڪڙ پوک طوفاني برساتن کان بچي ويندا.

هن پروجيڪٽ جا پنج مکيه جزا آهن: جزو 1 : بنيادي ڍانچي کي ٻيهر بحال ڪرڻ، جزو 2: آمدنيءَ جي ذريعن لاءِ مدد ڏيڻ، جزو 3: قدرتي آفتن جو مقابلو ڪرڻ ۽ فني مدد لاءِ ادارن کي مضبوط بنائڻ، جزو 4: پروجيڪٽ جي انتظام ۽ عملدرآمد جو خرچ، ۽ جزو 5: هنگامي حالتن جو ترت تدارڪ ڪرڻ.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظام وارو منصوبو ( اِي ايس ايم پي) ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۽ انهن اثرن کي گهٽائڻ واري جزي- 1 جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن ۾ ذيلي پروجيڪٽ/ماتحت جزا بشمول ٻوڏ کان بچاءَ بند جي نظام جي مرمت ۽ بحالي شامل آهن.

ڦرهو واهه جي آر ڊي 0+000 کان 31+160 جي مرمت ۽ بحالي هن ذيلي جزي جو حصو آهي. مرمت ۽ بحالي ڪانپوءِ هي واهه نصير شاخ کان ميرپورخاص مين نالي تائين ٻوڏ جي پاڻيءَ کي نيڪال ڪندو، جيڪو ٻوڏ سبب ناڪاره حالت ۾ آهي. تجويز ڪيل مرامتي ڪم ۾ هيٺ ڏنل مکيه فني خاصيتون شامل آهن: آر ڊي 0+000 ڏانهن 25+000: تري جي ويڪرائي 22 فوٽ. اندرين ۽ ٻاهرين لهواري سطح 1:1.5 ٿيندي. آءِ پي ۽ اين آءِ پي پاس جي ويڪر ترتيبوار 15 ۽ 10 فوٽ ٿيندي. آرڊي 25+000 وٽ آخر تائين: تري جي ويڪرائي 25 فوٽ. اندرين ۽ ٻاهرين لهواري سطح 1:1.5. آءِ پي ۽ اين آءِ پي پاسن جي

ويکر ترتيبوار 15 ۽ 10 فوٽ ٿيندي.

بحالي ۽ مرمت وارا ڪم موجوده ڪُل ايراضي تائين محدود آهن انهي ڪري تجويز ڪيل پروجيڪٽ جا هن علائقي تي ڪجھ معمولي ناڪاري ماحولياتي اثر پوندا پر انهن جي نوعيت اهڙي آهي جو انهن جي تلافي ڪري سگهجي ٿي، اهي هن ايراضي تائين رهندا ۽ عارضي هوندا. انهي ڪري هي ذيلي پروجيڪٽ، سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام واري منصوبي (اِي ايس ايم پي) جي وچٿرن امڪاني خطرن جي درجي ۾ اچي ٿو. موجوده اي ايس ايم منصوبو انهي وچٿري خدشي جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام منصوبي ۾ شروعاتي ڇنڊڇاڻ جي طئہ ٿيل معيار مطابق، تجويز ڪيل پروجيڪٽ تي عملدرآمد ٿيڻ سان گهٽ درجي جا ماحولياتي ۽ سماجي اثرَ پوندا. امڪان آهي تہ اهي خدشا عارضي رهندا، انهن جي تلافي ڪري سگهبي ۽ پروجيڪٽ جي تجويز ڪيل علائقن تي انهن جا اثر ڊگهي عرصي تائين نہ رهندا. انهي ڪري اي ايس ايم پي ڪي عالمي بئنڪ جي بچاءُ ۽ تحفظ واري ٽيم جي صلاحُن سان تيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن ذيلي پروجيڪٽ ۾ گهٽ نوعيت جي خدشن جو تدارڪ ڪري سگهجي.

سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي- اِي پي اي مطابق: تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ، بحالي ۽ مرمت وارن ڪمن جي ڪري سنڌ ۾ ماحولياتي تحفظ (اِي پي اي) واري قانون 2014 جي دفعہ 20 جي دائري ۾ اچي ٿو. انهي ڪري ماحولياتي ۽ سماجي انتظام وارو منصوبو ناهي، سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي وٽ جمع ڪرايو ويندو ۽ انهن کان ”ڪوبہ اعتراض ناهي سرٽفيڪيٽ“ يا اين او سي ورتي ويندي.

ان کان علاوه، ذيلي پروجيڪٽ جي ڇنڊڇاڻ، ماحولياتي ۽ سماجي معاملن جي هڪڙي فهرست وسيلي عمل ۾ آندي وئي. انفرادي فهرستون پرڻ لاءِ سروي ڪيا ويا ۽ انهي سروي دوران ماحولياتي ۽ سماجي خدشن جي هڪ سمري بہ قلمبند ڪئي وئي. بحالي ۽ مرمت جا وڏا ڪم ڪل ايراضي تائين محدود رهندا. انهي ايراضي اندر عوامي استعمال

جي ڪنهن عمارت يا ڪاروباري سرگرمين جو وجود ناهي. جڏهن ته تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ جي وچ واري هنڌ 500 فوٽن تي اڻ سڌي طور ناڪاري اثرن جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي، يعني، ڦرهو واهه (مرڪزي ليڪ جي ٻنهي پاسن کان 250 فوٽن تي). ذيلي پروجيڪٽ ويجهو (500 ميٽرن تائين) قديم آثارن جي ڪابه جاءِ نه ڏٺي وئي ۽ ڪي به قدرتي ثقافتي وسيلا ذيلي  پروجيڪٽ واري هنڌ يا انهي جي پسگردائي  ۾ نظر نه آيا جن جو اڏاوتي ڪمن جي نتيجي ۾ متاثر ٿيڻ جو امڪان هجي.

اڏاوتي ڪمن واري علائقي ۾ ڪوبه قبرستان ناهي. بحالي لاءِ تجويز ڪيل علائقي پرسان ڪجهه ڳوٺ  ڏٺا ويا پر اهي ايراضيءَ کان ٻاهر آهن. اڏاوت واري مرحلي ۾ سماجي طور حساس جايون جهڙوڪ: مسجدون، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز ۽ قبرستان وغيره اڻ سڌي طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي پر اهو اثر عارضي  آهي، (نقصان گهٽائيندڙ تدبيرون اختيار ڪرڻ سان) انهن جي تلافي ٿي سگهي ٿي ۽ اهي گهٽ اهميت  رکندڙ- ٿوري مدي لاءِ آهن.

اهو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته بحاليءَ جي ڪمن لاءِ صرف 2 مقامي قسم جي وڻن ڪي هٽائڻ جي ضرورت آهي. انهن مان ڪوبه وڻ آءِ يو سي اين جي انهي فهرست ۾ ناهي جن ڪي ختم ٿيڻ جو خطرو هجي. انهي ساڳئي قسم جي 10 وڻن جي  ٻيهر پوکائي ڪئي ويندي يعني هڪڙي وڍيل وڻ لاءِ پنج ٻيا وڻ (1:5) پوکيا ويندا. اڏاوتي ڪم شروع ٿيڻ کان پهرين، وڻن جي سامان جي تفصيل تيار ڪئي ويندي.

ذيلي  پروجيڪٽ واري علائقي ۾ ڪي به تحفظ ڏنل ٻيلا ڪونه ڏٺا ويا. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي ۾ ڪنهن مخصوص نباتات يا جانورن جو ڪوبه خطري ۾ پيل قسم نه ڏٺو ويو.

هي ضلعو سنڌو درياءَ جي هيٺاهين پٽ واري حصي ۾ آهي، جيڪو  سنڌوندي جي لٽاسي مٽي مان وجود ۾ آيو آهي. زميني ايراضي گهڻي ڀاڱي يڪسان آهي ۽ جابلو ٽڪريون ۽ نديون نه اٿس. سمنڊ جي سطح کان هن ضلعي جي اوچائي 50 ميٽر ٿيندي. ضلعي جو ايرندو ڀاڱو، ٿرپارڪر ضلعي جي واريءَ جي ڀِٽن سان وڃي ملي ٿو.

هن ضلعي جي زمين گهڻي تڻي لوڙياني چيڪي مٽي جي، درياهه جي چوڙ واري علائقي جي، لتاسي ۽ آلي مٽي آهي. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي 2 اي واري حصي ۾ اچي ٿي ۽ انهي زمين جي زلزلي جنبش ماپ (پي جي اي) هڪبئي کان مختلف آهي جيڪا 0.08 کان وٺي 0.16 تائين آهي (پاڪستان بلڊنگ ڪنٽرول ڪوڊ آف پاڪستان 2007). اهو وچٿري نقصان جي خدشي وارو علائقو آهي يعني اهي علائقا جيڪي ايراضي ۾ اچن ٿا تن ۾ زلزلي اچڻ جو ٿورو امڪان آهي.

هن ضلعي جي آبهوا وچولي آهي. تنهن هوندي به اونهاري وارا مهينا ( اپريل کان جولاءِ تائين) تمام گرم ٿين ٿا جن ۾ تپش 39 سينٽي گريڊ تائين پهچيو وڃي ۽ سراسري طور گهٽ مان گهٽ تپش 28 سينٽي گريڊ تائين هوندي آهي. ڊسمبر ۽ جنوري مهينن ۾ گهٽي مان گهٽي ٿڌ پئي ٿي، جن ۾ گهڻي مان گهڻو ۽ گهٽ مان گهٽ گرمي پد ترتيبوار 26 سينٽي گريڊ ۽ 13 سينٽي گريڊ هوندو آهي.

ذيلي پروجيڪٽ جي مختلف علائقن مان زميني نمونا وٺڻ جو ڪم نيسٽ ليب جي ماهرن سرانجام ڏنو ۽ انهن نمونن جو تجزيو (ايس اِي پي اي کان منظورشده) ڊَڪام ليبارٽري ڪيو.

پيشي سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن بيمارين ۽ حادثن کان بچي سگهجي ۽ گڏوگڏ، مزدورن ۽ ڳوناڻن کي صحت-صفائي جي ڄاڻ ڏيڻ، صفائي سٿرائي لاءِ قدم کڻڻ، هنگامي بنيادن تي ترت سهائتا جي طريقن تي عمل ڪرڻ، صفائي جون گهربل سهولتون ڏيڻ، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن لاءِ گند جي دبن جي فراهمي جي مستقل چڪاس ڪئي ويندي. هي سمورا ڪم ايس ايف اي آر پي لاءِ خاص طور تيار ڪيل ليبر مئنجمنٽ پراسيجر پٽاندر آهن.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) توڙي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ، عملدرآمد وارو شعبو يا پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پي آءِ يو) سنڌ جو آبپاشي کاتو ذميوار

هوندو جنهن جو سربراهه پراجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پِي آءِ يُو) ۾ ڪنسٽرڪشن سپروئيزن ڪنسلٽنٽ (سِي ايس سِي) ڪي به شامل ڪيو ويو آهي جيڪو اڏاوتي ڪمن جي نگرانيءَ لاءِ ذميوار هوندو.

آخر ۾، اڏاوتي ڪمن جي ٺيڪيدار وٽ، نقصان ڪي گهٽ ڪرڻ وارا قدم سرانجام ڏيڻ ۽ موجوده اي ايس ايم پي ۾ واضح ڪيل ٻين ضرورتن جي پورائي لاءِ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ تحفظ جو/ ليبر آفيسر هوندو.

اينوائرنمينٽل ائنڊ سوشل مئنجمنٽ پلان تي عملدرآمد لاءِ -/6721550 روپين جي ڏار بجيٽ رکي وئي آهي. ذيلي پروجيڪٽ لاءِ، ڳوٺاڻن جي عام سهائتا واسطي -/700000 روپيا رکيا ويا آهن. انهي کي اِي ايس ايم پي جي بل ۾ رقم واري عارضي اسم طور ضم ڪيو ويو آهي.